
# سورت فاتحه

## (فضيلتون ۽ مضمون)




هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

26 مئي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سورت فاتحه (فضيلتون ۽ مضمون)

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

- ✿... سورت فاتحه افضل ترين سورت آهي
- ✿... دُعائون قبول ٿيڻ جو وظيفو
- ✿... سمهڻ کان پهريان سورت فاتحه پڙهڻ جي فضيلت
- ✿... سورت فاتحه جي مضمونن جو بيان

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پُرنُور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو اُمّتي اوهان تي هڪ دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُنَاهَ مٽائيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر درود جن کو کسِ بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: هو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو وڃي ٿو، جيڪو هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، انهن تي دَرُود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مُسْنَدِ اَحمد، جلد:6، صفحه:625، حديث:16795ـ

2...حدائقِ بخشش، صفحه:209ـ

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دروان سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم جي اَفضَل ترين سُورت

حضرت ابوسعيد بن مُعَلّٰي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيء رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان نماز پڙهي رهيو هئس، الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي پرسان لنگهيا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي آواز ڏنو، مان جيئن ته نماز پڙهي رهيو هئس، تنهنڪري هڪدم حاضِر نه ٿي سگهيس، جلدي ۾ نماز مڪمل ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيس، ان تي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان کي ڪهڙي شيء مون وٽ اچڻ کان روڪيو؟ عرض ڪيم: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان نماز پڙهي رهيو هئس، ان ڪري حاضر نه ٿي سگهيس. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا الله پاڪ هي ناهي فرمايو؟

---

[1]...جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ ۚ

(پارہ:9،سورت انفال:24)

ترجموڪنزُالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي دربار ۾ حاضر ٿي وڃو جڏهن هو توهان کي ان شيءِ جي لاءِ گهرائي جيڪا توهان کي زندگي بخشيندي آهي.

هي آيت تلاوت ڪرڻ کان بعد الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا مان مسجد مان ٻاهر نڪرڻ کان پهريان پهريان توهان کي قرآنِ ڪريم جي سڀ کان عظمت واري سُورت نہ سيکاريان؟ پوءِ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجو هٿ پڪڙيو، جڏهن مسجد مان ٻاهر وڃڻ لڳا تہ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان قرآنِ ڪريم جي سڀ کان عظمت واري سُورت سيکارڻ جو فرمايو هو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هائو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ (يعني پُوري سورت فاتحہ)، هي قرآن شريف جي سڀ کان عظمت واري سُورت آهي ۽ هي سَبۡع مَثاني (يعني بار بار پڙهي ويندڙ 7 آيتن واري سورت) آهي جيڪا مون کي عطا ڪئي وئي.[1]

اهڙي ئي هڪ روايت حضرت اُبي بن ڪَعۡب رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان بہ مروي آهي، حضرت اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنۡه هڪ ڏينهن نماز پڙهي رهيا هئا، پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کين آواز ڏنو. پاڻ جيئن تہ نماز پڙهي رهيا هئا، ان ڪري جواب نہ ڏنائون، پوءِ جلدي ۾ نماز مڪمل ڪري بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيا، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي اُبَي! توکي ڪهڙي شيءِ مون وٽ اچڻ کان روڪيو؟ عرض ڪيم: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان نماز پڙهي رهيو هئس، ان ڪري حاضر نہ ٿي سگهيس. فرمايائون: ڇا تو ڪلامِ اِلٰهي جي هيءَ آيت نہ پڙهي آهي تہ

[1]...بخاری، کتاب التفسیر، صفحہ:1178، حدیث:4703۔

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ ۚ

(پاره:9،سورت انفال:24)

ترجموڪنزُالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي درٻار ۾ حاضر ٿي وڃو جڏهن هو توهان کي ان شيءِ جي لاءِ گهرائي جيڪا توهان کي زندگي بخشيندي آهي.

عرض ڪيم: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ مون هي آيت پڙهي آهي، آينده ايئن نہ ڪندس (يعني آئنده نماز ۾ بہ هوندس توهان جي سڏ تي يڪدم حاضِر ٿيندس). پوءِ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا مان توهان کي قرآن شريف جي اهڙي سُورت سيکاريان جو ان جي مثل سُورت نہ تورات ۾ آهي، نہ انجيل ۾، نہ زبور ۾ ۽ نہ ئي قرآنِ مجيد جي باقِي سُورتن ۾ اهڙي ڪا سُورت آهي؟ عرض ڪيم: ڇو نہ (يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ! ضرور سيکاريو) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان نماز ۾ ڇا تلاوت ڪندا آهيو؟ ان تي حضرت اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سورت فاتحہ جي تلاوت شروع ڪئي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، بيشڪ هي ئي اها سُورت آهي جو ان جي مثل سُورت نہ تورات ۾ آهي، نہ انجيل ۾ آهي، نہ زبور ۾ ۽ نہ ئي قرآنِ ڪريم جي باقي سُورتن ۾، بيشڪ اها ئي سَبعِ مَثاني (يعني بار بار پڙهي ويندڙ 7 آيتن جي سورت) آهي.[1]

## تَاجوَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامي اُصُول جي اَصل آهي-

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هنن ٻنهي واقعن مان هڪ نهايت ايمان اَفروز ۽ عشق پريو مدني گل سکڻ لاءِ مليو، اهو هي تہ جيڪڏهن عين نماز جي حالت ۾ الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن کي ياد فرمائن تہ نماز جيتري پڙهي ورتي آهي، اتي ڇڏي يڪدم بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيڻ واجِب آهي.

الله اڪبر! هن مان معلوم ٿيو: بيشڪ نماز افضل عبادت آهي پر نور

[1] …ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ما جاء فی فضل فاتحۃ الکتاب، صفحہ:669، حدیث:2875۔

واري آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضري هن ڪان بہ وڏيڪ اَهم ۽ اَفضَل آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: نماز دوران جيڪڏهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ياد فرمائن، نماز ڪي اتي چڏي حاضِر ٿي وڃجي، هن سان ان جي نماز ٽٽندي نہ، بلڪ هو جيتري دير رسولِ خُدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضِر رهندو، اهو وقت بہ نماز ئي ۾ شُمار ٿيندو، پوءِ خدمتِ اَقْدس مان فارِغ ٿي واپس ايندو تہ نماز اتان ڪان شروع ڪندو، جتان ڪان ڇڏي هئي. معلوم ٿيو: خِدمتِ سرڪار جو حڪم عام حالتن ڪان جُدا آهي، ڏسو! نماز دوران ڪنهن سان ڳالهائڻ، ڪنهن کي مخاطب ڪري ان کي سلام ڪرڻ، هن سان نماز ٽٽي ويندي آهي پر غور ڪريو! اسان جڏهن اَلتَّحِيات پڙهون ٿا تہ عين حالتِ نماز ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مخاطب ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدْمت ۾ سلام پيش ڪريون ٿا: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ (اي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان تي سلام هجي). هن سلام ڪرڻ سان نماز ناهي ٽٽندي، بلڪ مڪمل ٿيندي آهي.[1] نماز ۾ اَلتَّحِيات پڙهڻ واجِب آهي، سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ڇا خوب فرمائن ٿا:

ثابِت ہوا کہ جملہ فرائِض فروع ہیں | اَصْلُ الْاُصُول بندگی اُس تاجوَر کی ہے[2]

وضاحت: يعني معلوم ٿيو تہ دين جا جيترا فرض آهن، نماز هجي، روزو هجي، حج هجي، زڪوٰة هجي، اهي سڀ فرض اصل ۾ شاخون آهن، ڪنهن جون؟ غلاميءِ مصطفيٰ جون، نبين جي سرور، رسولِ تاجوَر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بندگي، سندن غلامي هر اُصُول جي اَصل آهي.

## صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي قسمت کي سلام!

اي عاشقانِ رسول! هتان صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي عظمت جو بہ اندازو لڳايو! نماز جي حالت ۾ حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڏين تہ وڃڻ واجب آهي، هي

[1]...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:224خلاصةً ۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:205۔

شريعت جو حڪم آهي ۽ هي شرعِي حڪم صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سان ئي خاص هو، جيئن تہ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُنيا مان ظاهري پردو فرمائي چڪا آهن، لهٰذا هاڻي ڪو بہ هن تي عَمَل نٿو ڪري سگهي.

سُبْحٰن الله! صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جا تہ قسمت ماڻي هئي....! انهن کي ڪهڙي سعادت ميسر هئي..! صبح بيدار ٿيندا هئا تہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ديدار ڪندا هئا، شام ٿيندي هئي تہ رُخِ سرڪار (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي ديدار جو جام پيئندا هئا، عين حالتِ نماز ۾ بہ سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي ياد ڪندا هئا ۽ صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هٿ ٻڌي حاضِر ٿي خِدمت ڪندا هئا.

اُن صحابہ کی خوش اطوار اداؤں کو سلام | جن کا مسلک تھا طوافِ رُخِ زیبا کرنا

افسوس! هڪ اسان آهيون، اسان جي نصيب ۾ اها سعادت ڪٿي...!!

مگر کریں کیا نصیب میں تو یہ نامرادی کے دِن لکھے تھے

الله پاڪ تمام صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار عَلَيهِمُ الرِّضْوَان تي ڪروڙين رحمتن جو نزول فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

ہر صحابیٔ نبی جنتی جنتی | ہر صحابیٔ نبی جنتی جنتی
چار یارِ نبی جنتی جنتی | ابو بکر و عمر بھی جنتی جنتی
عثمانِ غنی جنتی جنتی | فاطمہ اور علی جنتی جنتی
حسن اور حسین بھی جنتی جنتی | ہر صحابیٔ نبی جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سورت فاتحہ جي اَفضَل سورت هئڻ مان مراد

اي عاشقانِ رسول! بيان ڪيل ٻن حديثن مان هي بہ معلوم ٿيو تہ سورت فاتحہ قرآنِ ڪريم جي اَفضَل ترين سُورت آهي. هتي هي ڳالھ چڱي طرح ياد رکو تہ سڄو قرآن الله پاڪ جو ڪلام آهي، هن حيثيت سان سڄو قرآن ئي

فضيلت وارو آهي. جڏهن هي چيو ويندو آهي ته فُلاڻي سُورت يا فُلاڻي آيت گهڻي فضيلت واري آهي ته هن جون ٻه معنائون ٿين ٿيون: (1): هي ته هن سُورت (مثلاً سورت فاتحه) کي پڙهڻ جو ثواب گهڻو آهي (2): ٻئي هي ته هن سورت جا مضمون ٻين سُورتن جي نسبت گهڻا اعليٰ آهن، مثال طور تي سورت لَهب ۾ ابولهب ڪافِر جو تذڪرو آهي ۽ سورت اِخلاص ۾ اللّٰه پاڪ جي وحدانيت جو بيان آهي، عام سمجهه ۾ اچڻ واري ڳالهه آهي ته ابولهب ڪافِر جو ذِڪر ڪرڻ ۽ اللّٰه پاڪ جي وحدانيت جو بيان ڪرڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، هونئن سورت لَهب به اللّٰه پاڪ جو ڪلام آهي، سورت اِخلاص به اللّٰه پاڪ جو ڪلام آهي، هن حيثيت سان ٻئي برابر آهن پر مضمون جي اعتبار سان ٻنهي ۾ فرق آهي. اهڙي طرح پنهنجي مضمون جي لحاظ کان سورت فاتحه قرآنِ ڪريم جي باقي تمام سُورتن کان وڌيڪ فضيلت واري آهي.[1]

## سورت فاتحه اَفضَل ترين سُورت آهي

صحابيءِ رسول حضرت ابو زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ پيري رات جو وقت هو، مان پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏجي مديني پاڪ جي هڪ گهٽي مان لنگهي رهيو هئس، اوچتو هڪ گهر مان آواز آيو، هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تهجد جي نماز ۾ سورت فاتحه جي تلاوت ڪري رهيو هو، ان کي ٻڌي رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ بيهي رهيا ۽ سورت فاتحه جي تلاوت ٻڌڻ لڳا، جڏهن صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سورت فاتحه مڪمل پڙهي ورتي ته اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَافِي الْقُرْآنِ مِثْلُهَا يعني قرآنِ مجيد ۾ هن جهڙي ٻئي ڪا سُورت نه آهي.[2]

## سورت فاتحه جو تعارُف

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت فاتحه قرآنِ ڪريم جي مختصر سُورت آهي، هن ۾ 1

---

[1] ...تفسير الفاتحة لابن رجب، صفحه:38۔

[2] ...معجم اوسط، جلد:2، صفحه:158، حديث:2866۔

رڪوع، 7 آيتون، 27 ڪلما (يعني الفاظ) ۽ 140 اکر آهن. امام مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سورت فاتحه مدينہ منوره ۾ نازِل ٿي. هڪ قول هي آهي تہ سورت فاتحه 2 ڀيرا نازِل ٿي، 1 ڀيري مڪي پاڪ ۾ ۽ 1 ڀيري مدينہ منوره ۾.[1]

## شيطان ڌاڍو رُنو

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روايت بيان ڪندي لکن ٿا: ابليس (يعني شيطان) 4 ڀيرا ڌاڍو ڪري رُنو هو (1): هڪ ڀيرو جڏهن ان تي لعنت وسي (2): ٻيو ڀيرو جڏهن ان کي زمين تي لاٿو ويو (3): ٽيون ڀيرو جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نبوت جو اعلان فرمايو (4): ۽ چوٿون ڀيرو جڏهن سورت فاتحه نازِل ٿي. امام مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن سورت فاتحه نازِل ٿي تہ ابليس (يعني شيطان) انتهائي مشقت ۾ پيو ۽ وڏيون دانهون ڪري، رڙيون ڪري رُنو هو.[2]

## سورت فاتحه عرش جي هيٺان هڪ خزاني مان آهي

مسلمانن جي چوٿين خليفي، امير المؤمنين حضرت علي المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنْه کان سورت فاتحه جي باري ۾ سوال ٿيو تہ فرمايائون: مون کي رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌايو تہ سورت فاتحه عرش جي هيٺان هڪ خزاني مان نازِل ڪئي وئي آهي.[3]

سلطانُ المُفسرين حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما هئا، حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بہ حاضِرِ خِدمت هئا، اوچتو آسمان مان هڪ آواز آيو، حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام آسمان ڏانهن نگاهہ کڻي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي هڪ ملائڪ آهي جيڪو اڄ کان پهريان ڪڏهن زمين تي ناهي

---

[1]… تفسير صراط الجنان، پاره:1، سورۂ فاتحه، جلد:1، صفحه:37ملتقطاً ـ

[2]…تفسير در منثور، پاره:1، سورۂ فاتحه، جلد:1، صفحه:17ـ

[3]… تفسير در منثور، پاره:1، سورۂ فاتحه، جلد:1، صفحه:16ـ

لٿو.

ان ملائڪ بارگاھ رسالت ۾ حاضِر ٿي سلام عرض ڪيو، پوءِ چيائين: يارسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان کي 2 نورن جي خوشخبري آهي، اوهان کان پهريان ڪنهن نبي عَلَیْہِ السَّلام کي هي 2 نور عطا ناهن ڪيا ويا (1): انهن مان هڪ نور سورت فاتحہ آهي (2): ۽ ٻيو نور سورت بقره جون آخري آيتون آهن، جيڪو شخص انهن (سورت فاتحہ ۽ سورت بقره جي آخري آيتن) جي تلاوت ڪري، ان کي هر هر اکر تي خصوصي ثواب ڏنو ويندو.[1]

حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: قرآنِ ڪريم کي جتان کان بہ پڙهيو وڃي، هر اکر تي 10 نيڪيون ملنديون آهن، پر سورت فاتحہ ۽ سورت بقره جي آيتن کي پڙهڻ جي هي فضيلت آهي تہ هر هر اکر تي 10 نيڪيون بہ ملن ٿيون ۽ ان کان علاوه خصوصي ثواب بہ عطا ڪيو ويندو آهي.[2]

## سورت فاتحہ سورتِ رحمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: سورت فاتحہ بلڪل رحمت جي سورت آهي، ان ڪري هن ۾ اللّٰہ پاڪ جي قهر ۽ غضب ۽ دوزخ جي عذاب وغيره جو ذِڪر نہ آهي.[3] بلڪ هن سورت ۾ اهي حروف بہ نہ آيا آهن جيڪي جهنّم وغيره جي شروع ۾ ايندا آهن، جيئن تہ سورت فاتحہ ۾ 7 حروف نہ آهن: (1): ث (2): جيم (3): خا (4): زا (5): شين (6): ظا (7): فا.

(1):ثا: ثبور جو پهريون اکر آهي ۽ ثبور جهنّم جو هڪ نالو آهي (2): جيم: جَحيم جو پهريون اکر آهي، هي بہ جهنّم جو هڪ نالو آهي(3): خا: خِزي جو

---

1 ...مسلم، كتاب صلاة المسافرين، باب فضل الفاتحة، صفحہ:290، حديث:806۔

2 ...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:232خلاصۃً۔

3 ...تفسيرِ نعيمى، پاره:1، سورۂ فاتحہ، جلد:1، صفحہ:62۔

پهريون اکر آهي، هن جي معنيٰ آهي: رسوائي. (4): زا: زَفِير ۽ زَقُّوم جو پهريون اکر آهي، زَفِير دوزخين جو آواز آهي ۽ زَقُّوم (يعني ٿوهڙ) دوزخين جي غذا آهي (5): شين: شهيق جو پهريون اکر آهي، هن جي معنيٰ آهي: جهنمين جو آواز (6): ظا: ظلم جو پهريون اکر آهي ۽ (7): فا: فراق جو پهريون اکر آهي ۽ فراق جي معنيٰ آهي: دُوري.

امام فخر الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جهنّم جا 7 دروازا آهن ۽ سورت فاتحہ ۾ عذاب تي دلالت ڪرڻ وارا 7 اکر ذِڪر ناهي ڪيا ويا، هي هن طرف اشارو آهي تہ جيڪو شخص سورت فاتحہ پڙهي، دِل سان ان تي ايمان رکي، ان جي حقن کي سچائي هو جهنّم جي ستن دروازن کان محفوظ رهندو.[1]

## سورت فاتحہ سورت شفا آهي

اي عاشقانِ رسول! سورت فاتحہ جي خصوصيتن ۽ ان جي فضيلتن مان هڪ هي ڳالهہ بہ آهي تہ سورت فاتحہ سورتِ شفا آهي. هونئن تہ سڄو قرآنِ مجيد ئي شفا آهي، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ (پاره:15،سورت بني اسرائيل:82) | ترجموڪنزُالعرفان: اسان قرآن ۾ اها شيءِ نازل ڪيون ٿا جيڪي ايمان وارن جي لاءِ شفا ۽ رحمت آهي. |

البتہ سورت فاتحہ کي خصوصيت سان سورت شفا چيو ويو آهي. جيئن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هِيَ اُمُّ الْكِتَابِ وَهِيَ شِفَاءٌ مِّنْ كُلِّ دَاءٍ يعني سورت فاتحہ اُمُّ الڪتاب (قرآنِ مجيد جي اَصل) آهي ۽ هن ۾ هر بيماري جي شفاء آهي.[2]

---

[1] …تفسيرِ ڪبير، پاره:1، سورۀ فاتحہ، جلد:1، صفحہ:160و161۔

[2] … تفسير در منثور، پاره:1، سورۀ فاتحہ، جلد:1، صفحہ:15۔

## وچون جي ڏنگ جو ڦيٽو

بُخاري ۽ مسلم ۾ روايت آهي، جنهن جو خُلاصو ڪجهه هيئن آهي تہ هڪ ڀيري 30 صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سَفَر تي هئا، رستي ۾ هڪ هنڌ هڪ شخص اچي صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي عرض ڪيو: اسان جي سردار کي وڇونءَ ڏنگيو آهي، ڇا اوهان ڪجهه ڪري سگهو ٿا؟ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: ها! مان دم ڪندس. پوءِ اهو صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه ان شخص سان گڏ ويو ۽ سورت فاتحہ پڙهي مريض تي دم ڪيو، جنهن جي برڪت سان مريض نيڪ ٿي ويو.[1]

حضرت خارجہ بن صَلْتَ رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي چاچي سان روايت ڪن ٿا، هو فرمائن ٿا: مان رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضِر هئس، اتان واپسي تي مان هڪ قوم وٽان لنگهيس، انهن جو ڪو شخص مجنون (يعني پاڳل) هو، جنهن کي انهن لوهہ سان ٻڌي رکيو هو، انهن مون کي چيو: ڇا تون هن جو ڪجهه علاج ڪري سگهين ٿو؟ پوءِ مان 3 ڏينهن صبح ۽ شام سورت فاتحہ پڙهي ان تي دَم ڪيو تہ ان جي برڪت سان هو ڇريو شخص بلڪل نيڪ ٿي ويو.[2]

## دَم ڪرڻ جائِز آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن 2 واقعن مان معلوم ٿيو: قرآنِ ڪريم مان علاج ڪرڻ، قرآنِ شريف جون آيتون پڙهي دَم ڪرڻ، انهن کي لکي تعويذ بنائڻ وغيره بلڪل جائِز آهي. صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضْوَان بہ دَم ڪندا هئا، بلڪ خُود اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ دَم ڪندا هئا ۽ ٻين کي سيکاريندا بہ هئا. حبيبہِ حبيبِ خُدا، اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: نبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي حڪم ڏنو تہ نظر

[1]...بخاری، كتابُ الاجاره، صفحہ:585، حديث:2276۔

[2]...معجم كبير، جلد:7، صفحہ:89، حديث:13944۔

لڳڻ جو دم ڪنديون ڪيو![1]

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گهروارن مان ڪو بيمار ٿي پوندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ قرآنِ مجيد جي آخري 2 سورتون (سورت فلق ۽ سورت وَالنّاس) پڙهي دم ڪندا هئا.[2]

هڪ ڀيري رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ مريض حاضِر ٿيو تہ حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام ڪجهہ ڪلمات پڙهي ڪين دم ڪيو.[3]

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو: قرآني آيتون ۽ مُقَدَّس ڪلمات پڙهي دم ڪرڻ اسان جي آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بہ سُنّت آهي، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي بہ سُنّت آهي ۽ ملائڪن جي سردار حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جي بہ سُنّت آهي. ها! ڪجهہ حديثن ۾ تعويذ پائڻ کان منع ڪيو ويو آهي، هن مان مراد اهي تعويذ آهن، جيڪي ناجائِز لفظن تي مشتمل هجن جيڪي زمانہ جاهليت ۾ ڪيا ويندا هئا. هن کان عِلاوه قرآني آيتون، مُقَدَّس الفاظ، الله پاڪ جي مبارڪ نالن ۽ مختلف دُعائن جي ذريعي دَم ڪرڻ، ڪاغذ تي لکي يا لکرائي ڳلي ۾ وجهڻ بلڪل جائِز آهي.[4]

## روحاني عِلاج جو ذِهن بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! سڄو قرآن خاص ڪري سورت فاتحہ ۾ هر مرض جي شِفا آهي. اسان ڊاڪٽرن وٽ وڃون ٿا، حڪيمن، طبيبن کان عِلاج ڪرايون ٿا، جيڪڏهن هن ۾ ڪا خِلافِ شرع ڳالهہ نہ هجي تہ هي عِلاج ڪرائڻ بلڪل جائِز آهي. البت اسان کي رُوحاني عِلاج جو بہ ذِهن بنائڻ گهرجي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مخلوق جي حمد کان

---

[1]...بخاری، کتاب الطب، باب رقیۃ العین، صفحہ:1451، حدیث:5738۔

[2]...مسلم، کتاب السلام، باب رقیۃ المریض، صفحہ:866، حدیث:2192۔

[3]...مسلم، کتاب السلام، باب الطب والمرض، صفحہ:864، حدیث:2185۔

[4]...بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:419و420، حصہ:16بتقدم وتاخر۔

پهريان الله پاڪ پاڻ پنهنجي حمد فرمائي، هن حمد جي ذريعي عِلاج ڪريو! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اها ڪهڙي حمد آهي؟ فرمايائون: سورت فاتحہ ۽ سورت اِخلاص. پوءِ فرمايائون: فَمَنْ لَمْ يَشْفِهِ الْقُرْآنُ فَلَا شَفَاهُ اللهُ يعني جنهن کي قرآن مان بہ شفا نہ ملي، ان کي الله پاڪ شفا ناهي ڏيندو. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! قرآنِ ڪريم خاص ڪري سورت فاتحہ جي ذريعي علاج ڪرائڻ بابت ڪيتري واضِح حديثِ پاڪ آهي. اسان کي ذِهن بنائڻ گهرجي. بُخار هجي ◈ متي ۾ درد هجي ◈ جسم ۾ ڪٿي درد هجي ◈ شوگر، ڪوليسترول ◈ دِل جون بيماريون، ڪينسر مطلب ڪا بہ ننڍي ڪان ننڍي يا وڏي کان وڏي بيماري هجي، قرآنِ شريف جي ذريعي عِلاج ڪريو! اِنْ شَاءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ ڪرم فرمائيندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ شفا ملي ئي ويندي.

## دعوتِ اسلامي ۽ شُعبہ روحاني علاج

الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت شعبہ روحاني علاج ۾ پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکايل اُمَّت جي غمخواري جي لاءِ ڪوڙ اسلامي ڀائر مختلف هنڌن تي بستہ لڳائين ٿا ۽ روزانو لکين مريضن کي تعويذات ڏين ٿا، استخارو ڪن ٿا ۽ اوراد و وظائِف ٻڌائن ٿا. مدني چينل تي روحاني علاج پروگرام بہ نشر ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ استخارو بہ ڪيو ويندو آهي ۽ مريضن، پريشان حالن کي اوراد و وظائف بہ ٻڌايا ويندا آهن.

## سورت فاتحہ ۾ هر مسئلي جو حل آهي

اي عاشقانِ رسول! سورت فاتحہ ۾ صِرف جسماني بيمارين جي لاءِ ئي عِلاج نہ آهي بلڪ هن ۾ هر مسئلي جو حل آهي. حضرت عطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن کي ڪا حاجت هجي، هو سورت فاتحہ جي تِلاوت ڪري، هن جي برڪت

[1]... تفسير در منثور، پاره:1، سورة فاتحہ، جلد:1، صفحہ:17۔

سان حاجت پُوري ٿي ويندي.[1] عالم سڳورا فرمائن ٿا: 100 ڀيرا سورت فاتحہ پڙهي جيڪا بہ دُعا گهري وڃي، قبول ٿيندي آهي.

## دُعائون قبول ٿيڻ جو وظيفو

سُبْحٰن الله! ڪيترو آسان حل آهي...! ڪا مشڪل هجي، پريشاني هجي، تنگدستي هجي، ڪا پريشاني اچي، ڪا حاجت درپيش هجي، سورت فاتحہ پڙهو، دُعائون گهرو! اِنْ شَاءَ الله الْڪَرِيْم! الله پاڪ ڪرم فرمائيندو ۽ مشڪل، پريشاني، تنگدستي ختم ٿي ويندي.

## نظرِ بَد کان حفاظت جو وظيفو

صحابيءِ رسول حضرت عمران بن حُصَين رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن گهر ۾ سورت فاتحہ ۽ آيةُ الڪرسي پڙهي وڃي، ان گهر ۾ ان ڏينهن ڪنهن جِنّ يا ڪنهن انسان جي بُري نظر نہ ايندي.[2]

## سورت فاتحہ 1 ٽهائي قرآن جي برابر آهي

حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهما کان روايت آهي، الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن سورت فاتحہ ۽ سورت اِخلاص پڙهي، ان ڄڻ هڪ ٽهائي قرآنِ مجيد جي تلاوت ڪئي.[3] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: سورت فاتحہ 2 ٽهائي قرآنِ مجيد جي برابر آهي.[4]

## سمهڻ کان پهريان سورت فاتحہ پڙهڻ جي فضيلت

حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم

---

[1]...تفسير در منثور، پاره:1، سورة فاتحہ، جلد:1، صفحہ:17۔

[2]...جامع صغير، صفحہ:360، حديث:5830۔

[3]...معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:281، حديث:4594۔

[4]...جامع صغير، صفحہ:360، حديث:5828۔

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان بستر تي سمهو تہ سورت فاتحہ ۽ سورت اِخلاص پڙهو! هن جي برڪت سان موت کان عِلاوه هر شيءِ کان محفوظ رهندؤ.[1] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي، فرمايائون: جڏهن توهان مان ڪو شخص بستر تي ليٽي سورت فاتحہ پڙهي تہ اللّٰه پاڪ ان سان گڏ هڪ محافظ ملائڪ مقرر فرمائيندو [2]

اي عاشقانِ رسول! سورت فاتحہ جون صِرف 7 آيتون آهن، اسان روزانو نماز ۾ سورت فاتحہ پڙهون ٿا، پُوري سورت فاتحہ پڙهڻ ۾ صرف ڪجھ سيڪنڊ لڳن ٿا ۽ فضيلتون ڪيتريون؟ سُبۡحٰنَ اللّٰه! هڪ ڀيرو سورت فاتحہ پڙهڻ واري کي هر اکر تي 10 نيڪيون ملن ٿيون، هڪ ڀيرو سورت فاتحہ پڙهڻ وارو اهڙو آهي جيئن ان هڪ ٽهائي قرآن جي تلاوت ڪئي، سمهڻ مهل هڪ ڀيرو سورت فاتحہ پڙهڻ سان اللّٰه پاڪ هڪ محافظ فرشتو مقرر فرمائيندو آهي.

اللّٰه پاڪ اسان کي سورت فاتحہ بلڪ سڄي قرآنِ مجيد جي تلاوت جو شوق نصيب فرمائي. اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت | رہوں بَاوُضو میں سَدا یاالٰہی [3]

## سورت فاتحہ سورت مناجات آهي

عالم سڳورا فرمائن ٿا: سورت فاتحہ سورت مُنَاجات آهي. مُنَاجَات جي معنيٰ آهي: آهستہ سان ڳالهيون ڪرڻ، دُعا ۽ التجا ڪرڻ. جڏهن ٻانهو اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ هن طرح دُعا ڪري جيئن هو اللّٰه پاڪ سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي، ان کي مناجات چيو ويندو آهي.

سورت فاتحہ سورت مُنَاجات آهي، هن سورتِ پاڪ جي ابتدائي آيتن ۾ اللّٰه پاڪ جي حمد ۽ ثناء آهي، ان کان بعد ٻانهن جي طرفان دُعا گهري وئي آهي.

---

[1]…مسند بزّار، جلد:14، صفحہ:11، حديث:7393۔

[2]… تاريخ دمشق، جلد:22، صفحہ:413۔

[3]…وسائلِ بخشش، صفحہ:102۔

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، رسولِ اکرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: ان نماز (يعني سورت فاتحہ) کي منهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ اڌ اڌ ڪري ورهايو ويو آهي، ٻانهو پڙهي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَۙ(۱) (پاره:1،سورت فاتحه:1) | ترجمو ڪنزُ العرفان: سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن. جيڪو سڀني جهان جو پالڻهار آهي |

ان جي جواب ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهي منهنجي حمد بيان ڪئي. ٻانهو پڙهي ٿو:

| | |
|---|---|
| الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِۙ(۲) (پاره:1،سورت فاتحه:2) | ترجمو ڪنزُ العرفان: نهايت مهربان رحمت وارو |

الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهي منهنجي ثناء بيان ڪئي. ٻانهو پڙهي ٿو:

| | |
|---|---|
| مٰلِكِ یَوْمِ الدِّیْنِؕ(۳) (پاره:1،سورت فاتحه:3) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جزا جي ڏينهن جو مالڪ |

الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهي منهنجي بزرگي بيان ڪئي. ٻانهو پڙهي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِیَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِیَّاكَ نَسْتَعِیْنُؕ(۴) (پاره:1،سورت فاتحه:4) | ترجموڪنزُ العرفان: اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا. |

الله پاڪ فرمائي ٿو: هي منهنجي ۽ منهنجي ٻانهي جي وچ ۾ برابر آهي (جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي عبادت ڪري ٿو، الله پاڪ ان جي مدد ۽ نُصرت فرمائي

تو). پوءِ ٻانهو پڙهي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِهۡدِ نَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۝ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۝ (پاره:1،سورت فاتحه:5تا7) | ترجموڪنزُ العرفان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو. نہ انهن جو رستو جن تي غضب ٿيو نہ گمراهن جو. |

الله پاڪ فرمائي ٿو: هي منهنجي ٻانهي جي لاءِ آهي ۽ منهنجي ٻانهي جي لاءِ اهو ئي آهي جنهن جو ان سُوال ڪيو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيتري عظيم فضيلت آهي. سورت فاتحہ جون 7 آيتون آهن، ٻانهو هڪ هڪ آيت پڙهندو ويندو آهي، الله پاڪ ان کي ٻڌندو بہ آهي ۽ هر هر آيت تي جواب بہ عطا فرمائيندو آهي. علّامہ اِبنِ رجب حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي (يعني ٻانهي جو سورت فاتحہ پڙهندو وڃڻ ۽ الله پاڪ جو جواب عنايت فرمائڻ، هي) سورت فاتحہ جي خاص فضيلت آهي جيڪا هن کان عِلاوه ڪنهن سُورت جي نہ آهي.[2]

## سورت الفاتحہ جي مضمونن جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت فاتحہ اها عظيم سورت آهي جو ان جي صرف 7 آيتن ۾ پُوري قرآنِ ڪريم جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي بلڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن سورت فاتحہ جي تِلاوت ڪئي اهو ايئن آهي جيئن ان تورات، زبور، انجيل ۽ قرآنِ پاڪ (يعني چئن وڏن آسماني ڪتاب) جي تلاوت ڪئي.[3]

امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان روايت آهي: الله پاڪ 104 صحيفا نازِل

---

[1]…مسلم، ڪتاب الصلاة، باب وجوب قراءة الفاتحۃ، صفحہ:154، حديث:395۔

[2]…تفسير ابن رجب حنبلی، پاره:1، سورۂ فاتحہ، جلد:1، صفحہ:68۔

[3]… تفسير در منثور، پاره:1، سورۂ فاتحہ، جلد:1، صفحہ:16۔

فرمايا، انهن 104 صحيفن جا مضمون 4 وڏن آسماني ڪتابن تورات، زبور، انجيل ۽ قرآنِ ڪريم ۾ بيان فرمايا، پوءِ تورات، زبور ۽ انجيل جا سمورا عُلُوم قرآنِ مجيد ۾ بيان فرمايا ۽ پُوري قرآن شريف جا تمام عُلوم سورت فاتحہ ۾ جمع فرمائي ڇڏيا، پَس جنهن سورت فاتحہ جي تفسير کي سمجهي ورتو، ان ڄڻ تمام آسماني ڪتابن جو تفسير پڙهي ورتو.[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ڪريو! سورت فاتحہ ڪيتري جامع سُورت آهي، هن 7 مختصر آيتن ۾ ڪيترا عُلُوم گڏ ڪيا ويا آهن. ان ڪري تہ مسلمانن جي چوٿين خليفي امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه جو فرمان آهي: جيڪڏهن مان چاهيان تہ سورت فاتحہ جي تفسير سان 70 اُٺ ڀري ڇڏيان.[(2)]

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ اُٺ ڪيترا مَڻ وزن کڻي ٿو ۽ هر مَڻ ۾ ڪيترا هزار اجزا هوندا آهن؟ هن جو حساب لڳايو وڃي تہ هي اٽڪل 25 لک جِلدَ ٿيندا. هي فقط سورت فاتحہ جو تفسير آهي، پوءِ باقي ڪلام عظيم جي تفسير کي شمار ڪرڻ ڏکيو آهي...!![(3)]

## سورت فاتحہ جو هڪ مرڪزي مضمون

اي عاشقانِ رسول! حق تہ هي آهي جو سورت فاتحہ جي تمام عُلوم کي سمجهڻ، انهن کي بيان ڪرڻ اسان جهڙن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. البت عالم سڳورن خُوب غور و فِڪر ڪري، قرآن و حديث ۽ عِلمِ دين جا وڏا وڏا ڪتاب سامهون رکندي سورت فاتحہ جو هڪ مرڪزي مضمون بيان ڪيو آهي، اهو ڇا آهي؟ اهو آهي: مُرَاقَبَةُ الْعِبَادِ لِرَبِّهِمْ يعني ماڻهو جو پنهنجي رَبّ جي لاءِ مُرَاقبو ڪرڻ.[(4)] هي سورت فاتحہ جو مرڪزي مضمون آهي يا ڪٿي ايئن چئجي تہ

---

1…شُعَبُ الايمان، باب فی تعظیم القرآن، جلد:2، صفحہ:451، حديث:2371۔

2…قُوتُ القلوب، جلد:1، صفحہ:92۔

3…فتاوٰی رضویہ، جلد:22، صفحہ:619۔

4…نَظمُ الدُّرَرْ، جلد:1، صفحہ:21۔

بنيادي طور تي سورت فاتحہ ۾ جيڪا شيءِ اسان کي سيکاري وئي آهي، اها هي مُرَاقَبو آهي.

## مُراقبَہ ڇا کي چئبو آهي...؟

مُرَاقَبو هڪ تعلق جو نالو آهي، ٻانهي جو پنهنجي رَبّ سان نهايت مضبوط تعلق، ايترو مضبوط جو ٻانهي جي دِل، دماغ، ان جون سوچون، خيال ۽ مڪمل توجهہ هر وقت الله پاڪ ڏانهن رهي، ٻانهي کي هر وقت هي يقين هجي تہ منهنجو رَبّ مون کي ڏسي رهيو آهي، هو منهنجي ظاهري حال کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ منهنجي باطن کي بہ ڄاڻي ٿو. هن کي مُرَاقَبَةُ الله چيو ويندو آهي.

## مُراقبہ جي هڪ مثال سان وضاحت

امام قُشَيرِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مُراقبہ جي هڪ مثال جي ذريعي وضاحت فرمائي آهي، فرمائن ٿا: هڪ بادشاهہ هو، ان جا ڪجهہ غُلام هئا، بادشاهہ انهن مان هڪ غُلام سان خصوصي محبت ڪندو هو، بظاهر ان ۾ ڪا اهڙي خاص ڳالهہ نہ هئي، پوءِ بہ بادشاهہ ان کي گهڻو پسند ڪندو هو، ٻين غُلامن کي هي ڳالهہ نہ وڻندي هئي، هڪ ڀيري انهن غُلامن همت ڪري بادشاهہ سلامت جي خِدمت عرض پيش ڪندي چيو: بادشاهہ سلامت! هن غُلام ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي جو اوهان ان تي گهڻو مهربان آهيو؟ بادشاهہ سوال جو جواب نہ ڏنو بلڪ چيائين: اسان کي هڪ سَفر تي وڃڻو آهي، تياري ڪريو! اسان نڪري رهيا آهيون. گهوڙا تيار ڪيا ويا ۽ بادشاهہ سلامت پنهنجي غُلامن کي ساڻ ڪري سفر تي روانو ٿي ويو، جابلو علائقن جو سَفَر هو، ڪجهہ پري وڃي هڪ جبل نظر آيو، جيڪو برف سان ڍڪيل هو، بادشاهہ سلامت پري کان ان جبل کي ڏنو ۽ ڪنڌ جهڪائي ورتائين. جيئن ئي بادشاهہ مٿو هيٺ ڪيو، اهو غلام جيڪو بادشاهہ جو منظورِ نظر هو، ان گهوڙي کي ڊوڙائيندي اڳتي هليو ويو سيئي حيران هئا تہ آخر هن کي ڇا ٿيو؟ هي ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ ٿوري دير کان بعد غُلام واپس موٽيو، ان جي هٿ ۾ برف هئي. بادشاهہ پڇيو: تو هي برف ڇو

آندي آهي؟ چيائين: بادشاهہ سلامت! اوهان هن برف واري جبل ڏانهن نهاريو، پوءِ مٿو جهڪايو، مون کي خبر آهي تہ اوهان هرويرو ايئن نہ ڪندا آهيو، بَس مان سمجهي ويس تہ بادشاهہ سلامت کي برف ڪپي ٿي.

هي ٻُڌي بادشاهہ پنهنجي غُلامن کي مخاطب ڪري فرمايو: ڏسي ونو! توهان سيئي پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ مَصرُوف رهو ٿا، توهان جو ڌيان پاڻ ڏانهن رهي ٿو، پر هي منهنجو اهو غُلام آهي جنهن جو ڌيان هر وقت مون ڏانهن هوندو آهي، مان ڇا ڏسي رهيو آهيان، مان ڇا ڪري رهيو آهيان، منهنجي نظر ڪهڙي پاسي ڪجهي رهي آهي، هي ان تي تَوَجُّھ رکي ٿو، اهو ئي سبب جو مان ان کان گهڻي محبت ڪريان ٿو.[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو مُرَاقبو آهي ◈ ٻانهي جو تَوَجُّھ هر وقت پنهنجي رَبّ جي طرف رهي ◈ ٻانهو دُڪان تي آهي، تڏهن بہ ان جو تَوَجُّھ رَبّ جي طرف هجي ◈ ٻانهو گهر ۾ آهي، تڏهن بہ ان جو توجهہ رَبّ جي طرف هجي ◈ ٻانهو مسجد ۾ هجي تڏهن بہ ان جو تَوَجُّھ رَبّ جي طرف هجي، مطلب هر وقت، هر حال ۾ ٻانهي جي تَوَجُّھ رَبّ جي طرف رهي، هي مراقبو آهي.

## سورت فاتحہ ۽ مُرَاقبہ جي تعليم

مراقبہ جي لاءِ ٻن شين جي ضرورت (هوندي) آهي:(1): ٻانهي جو پنهنجي رَبّ کي سڃاڻڻ (2): ٻانهي جو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ.

## (1):رَبّ جي سُڃاڻپ

جنهن کي خبر ئي نہ هجي تہ منهنجو رَبّ ڪير آهي؟ ان جون صِفتون ڪهڙيون آهن؟ ان جو شان ڇا آهي؟ اهو ٻانهو ڀٽڪي ويندو آهي. يمن جو هڪ بادشاهہ هو، ان کي الله پاڪ طاقت عطا فرمائي، قُوّت بخشي، وڏي سلطنت عطا ڪئي، ان تي نعمتن جي برسات ٿي، هو پنهنجي فوج سان گڏجي علائقا فتح

---

[1]…رسالہ قشيريہ، باب المراقبة، صفحہ:225۔

ڪندو ويو، ڪندو ويو، ايستائين جو ان جي سلطنت پري پري تائين ڦهلجي وئي. هڪ ڏينهن ان کي خيال آيو: هي ڪائنات ڪيئن هلي رهي آهي؟ هن کي هلائڻ وارو ڪير آهي؟ ڏينهن ڪيئن اچي ٿو؟ رات ڪيئن ٿيندي آهي؟ اسان کي ايتري طاقت ۽ قُوَّت ڪٿان کان ملندي آهي؟

هو عِلم دِين نہ ڄاڻندو هو، بَس عقل جا گهوڙا ئي ڊوڙائيندو رهيو، ڪيئي ڏينهن سوچ ويچار کان بعد ان فيصلو ڪيو تہ ڪائنات سج جي ذريعي هلي رهي آهي، سج ئي جي ذريعي ڏينهن رات جي تبديلي ٿئي ٿي، سج جي ذريعي فصل پچي ٿو، سج ئي جي ذريعي خوراڪ ملي ٿي، لهٰذا سج ئي خُدا آهي. اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!

ان بدبخت پنهنجي عقل جا گهوڙا ڊوڙايا، شيطان ان کي شرڪ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ هو سج جي پُوڄا ڪرڻ لڳو.

ڏسو! بادشاهہ رَبّ جي معرفت (سڃاڻپ) نہ رکندو هو، ان کي الله پاڪ جي صفتن جو عِلم نہ هو، خُدا جي شان ۽ عظمت کان واقف نہ هو، پنهنجي ئي طور تي سوچ ويچار ڪندي گمراهہ ٿي ويو. معلوم ٿيو: مُرَاقبو ڪرڻ (يعني الله پاڪ جي طرف تَوَجُّهہ رکڻ) جي لاءِ ضروري آهي تہ الله پاڪ جي سڃاڻپ بہ هجي، ان جي شان ۽ عظمت بہ معلوم هجي.

## سورت فاتحہ ۾ الله پاڪ جون صفتون

الله پاڪ سورت فاتحہ جي شروع ۾ پنهنجي صفتن کي بيان فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَۙ(۱) الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِۙ(۲) مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِؕ(۳) (پاره:1،سورت فاتحه:1تا3) | ترجموڪنزُ العرفان: سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن. جيڪو سڀني جهان جو پالڻهار آهي. نهايت مهربان رحمت وارو جزا جي ڏينهن جو مالڪ |

معلوم ٿيو حقيقي رَبّ اهو آهي جيڪو تمام تعريفن جو مالِڪ آهي، هو

هر نقص کان، هر عيب کان پاڪ آهي، خوبين وارو آهي، اهو ئي آهي جيڪو تمام جهانن جو پالڻهار آهي، پتر ۾ سُرڻ واري بلڪل ننڍڙي جيت کي بہ اهو ئي رزق ڏي ٿو ۽ هاٿي جهڙي وڏي جانور کي بہ اهو ئي رزق عطا فرمائي ٿو، اهو ئي تمام جهانن جو رَبّ آهي، اهو رحمٰن بہ آهي، اهو رحيم بہ آهي ۽ اهو حقيقي رَبّ روزِ جزاء جو مالِڪ بہ آهي. هي آهي حقيقي رَبّ جي سڃاڻپ.

## (2): ٻانهي جو پاڻ کي سڃاڻڻ

ٻئي شيء جيڪا مراقبي جي لاءِ ضروري آهي، اها هي تہ ٻانهو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، ڇوتہ جيڪو پاڻ کي نٿو سڃاڻي، هو پنهنجي مَن ۾ ئي مگن رهي ٿو. لهٰذا ٻانهو جيستائين پاڻ کي نہ سڃاڻندو، ان وقت تائين هو الله پاڪ جي طرف مُتَوَجّهه نہ ٿي سگهندو.

هاڻي ٻَانهي جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ ٻانهي جي سڀ کان وڏي سڃاڻپ هي آهي تہ ٻانهو عاجِز آهي، ڪمزور آهي، هيڻو آهي، محتاج آهي. اسان کي بک لڳي ٿي، لهٰذا اسان کاڌي جا محتاج آهيون، اسان کي اُڃ لڳي ٿي، اسان پاڻي جا محتاج آهيون، اسان ڏسڻ جي لاءِ اکين جا محتاج آهيون، ٻڌڻ جي لاءِ ڪنن جا محتاج آهيون، پڪڙڻ جي لاءِ هٿن جا محتاج آهيون، ڳالهائڻ جي لاءِ زبان جا محتاج آهيون، سوچڻو هجي تہ دِل ۽ دماغ جا محتاج آهيون، مطلب اسان هر هر ڪم ۾، هر هر معاملي ۾ محتاج آهيون.

جڏهن ٻانهو هي ڄاڻي وٺي ٿو تہ مان هر وقت محتاج آهيان ۽ هي بہ ڄاڻي وٺي ٿو تہ الله ئي رَبُّ العالمين آهي، تڏهن هو پنهنجي رَبّ جي حُضُور جهڪي ٿو ۽ عاجزي سان عرض ڪري ٿو:

| | |
|---|---|
| اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿٤﴾ (پاره:1،سورت فاتحه:4) | ترجموڪنزُالعرفان: اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا. |

ڏسو! ٻانهو پنهنجي رَبّ جي بارگاهه ۾ عرض گذار آهي: موليٰ! مان تون

ڪان مدد چاهيان ٿو. ڪهڙي معاملي ۾؟ هر هر معاملي ۾ ◈ بک لڳل آهي ◈ هن جي لاءِ ڪاڌو به گهرجي ◈ هٿ به گهرجي ◈ وات به گهرجي ◈ ڏند به کپن ◈ هي ساريون نعمتون ڪير ڏي ٿو، الله پاڪ ڏي ٿو، ◈ اک ◈ ڪن ◈ زبان ◈ وات ◈ هٿ ◈ پير ◈ هي جسم ◈ هي جان ◈ هي ساهہ ◈ زِندگي ◈ هي ساريون نعمتون ڪير عطا فرمائي ٿو؟ الله پاڪ ئي عطا فرمائي ٿو ◈ اهو ڪهڙو لمحو آهي جڏهن بانهي تي الله پاڪ جي نعمتن جي برسات ناهي ٿيندي؟ اسان هر هر لمحي الله پاڪ جا محتاج آهيون ◈ لهٰذا هر هر گهڙي الله پاڪ جي مدد ۽ نُصرت جي ضرورت آهي◈ لهٰذا جڏهن ڪاڌو ملندو تہ تَوَجُّهہ ڪنهن پاسي هوندي؟ الله پاڪ جي طرف ◈ جڏهن ڪنهن شيء ڏانهن هٿ وڌندو، ان ڪي اسان پڪڙينداسين تہ تَوَجُّهہ ڪنهن طرف هوندي؟ الله پاڪ جي طرف ◈ جڏهن نگاهہ اٿندي، اسان رنگ برنگي دُنيا جو نظارو ڪري سگهنداسين تہ تَوَجُّهہ ڪنهن ڏانهن ويندي؟ الله پاڪ ڏانهن ◈ لهٰذا بانهو هر وقت، هر گهڙي الله پاڪ جي طرف تَوَجُّهہ رکڻ، الله پاڪ جي يادن ۾ رهڻ جو محتاج آهي ۽ هي ئي اها ڪيفيت آهي جنهن کي مُرَاقبو چيو ويندو آهي.

## صراطِ مستقيم جي دُعا

هاڻي جڏهن ماڻهو الله پاڪ کي بہ سڃاڻي وٺي ٿو، پنهنجو پاڻ کي بہ سڃاڻي وٺي ٿو، هاڻي عرض ڪري ٿو:

| | |
|---|---|
| اِهۡدِ نَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾<br>(پاره:1،سورت فاتحه:5تا7) | ترجموڪنزُ العرفان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو. نہ انهن جو رستو جن تي غضب ٿيو نہ گمراهن جو. |

يعني اي الله پاڪ! مون کي صراطِ مستقيم تي قائِم رک، منهنجي سڄي زِندگي صراطِ مستقيم تي ئي گذري، شيطان، نفسِ اَمَّاره ڪنهن وقت مون کي

صراطِ مستقيم کان ورغلائي نہ سگھن ۽ مان هميشہ تنهنجي انعام يافتہ ٻانهن جي راهن تي هلندو رهان.

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ترتيب جي اعتبار سان سورت فاتحہ قرآنِ ڪريم جي پهرين سُورت آهي، هتان قرآنِ مجيد جي ابتدا ٿي رهي آهي ۽ ابتدا ئي ۾ اسان کي ڪيترو جامِع دَرس ڏنو ويو، جڻ هي قرآنِ مجيد جي پهرين تعليم آهي تہ ٻانهو هر وقت پنهنجي رَبّ جي طرف مُتَوَجّھ رهي، پنهنجي رَبّ سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪري.

لھٰذا اسان کي گھرجي تہ اسان زِندگي جي هڪ هڪ گھڙي انهيءَ تَصَوُّر سان گذاريون تہ مان ٻانهو آهيان، اللہ منهنجو رَبّ آهي، مان هر گھڙي پنهنجي رَبّ جو محتاج آهيان ۽ هو مون کي ڏسي رهيو آهي.

## تَوَجُّہ اِلَي اللہ جي فضيلت

اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد اللہ بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کي نصيحت ڪندي فرمايو: اِحْفَظِ اللہ يَحْفَظْکَ توهان اللہ کي نگاھ ۾ رکو، اللہ توهان جي حفاظت فرمائيندو. اِحْفَظِ اللّٰهَ تَجِدْهُ تُجَاهَکَ اللہ پاڪ کي نگاھ ۾ رکو، توهان هن کي پنهنجي سامهون ڏسندؤ.[(1)]

حضرت علّامہ مُلّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: يعني جنهن شيءِ جو اللہ پاڪ حڪم ڏنو آهي، ان تي عَمَل ڪريو، جنهن کان منع ڪيو آهي، ان کان پري رهو تہ اللہ پاڪ دُنيا ۾ مصيبتن ۽ پريشانين کان، آخرت ۾ عذاب کان توهان جي حفاظت فرمائيندو. وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪو اللہ پاڪ جو ٿي ويندو آهي، اللہ پاڪ اُن جو ٿي ويندو آهي.[(2)]

اللہ پاڪ اسان سڀني کي نيڪي جي هدايت نصيب فرمائي، ڪاش! اسان

---

[1]…ترمذی، ابواب صفۃ القيامۃ، صفحہ:594، حديث:2516۔

[2]…مرقاۃ المفاتيح، کتاب الرقاق، جلد:9، زيرِحديث:5302، صفحہ:490۔

جي دِل هر وقت الله پاڪ جي طرف مُتَوَجّهه رهي، هر وقت الله پاڪ جي ياد سان دِل آباد رهي ۽ اسان اهڙي طرح پياري پياري ياد سان زِندگي گذاريندا وجون. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

محبت میں اپنی گما یاالٰہی! نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
رہوں مست و بےخُود میں تیری وِلا میں پلا جام ایسا پلا یاالٰہی!
مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی!
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے مرے غوث کا واسطہ یاالٰہی!
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گنَاہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی!
مرا ہر عَمَل بس ترے واسطے ہو کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو، کرم یاخُدا! یاالٰہی!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درست قرآن پڙهڻ جي فضيلت

حضرت زيد بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: اِنَّ اللهَ يُحِبُّ اَنۡ يُّقۡرَءَ الۡقُرۡاٰنُ كَمَا اُنۡزِلَ بيشڪ الله پاڪ پسند فرمائي ٿو ته قرآن کي اهڙي طرح پڙهيو وڃي جيئن ان کي نازل ڪيو ويو.[1] هڪ مقام تي ارشاد فرمايائون: اِقۡرَءُوا الۡقُرۡاٰنَ بِلُحُوۡنِ الۡعَرَبِ قرآن کي عرب جي لب ۽ لهجي ۾ پڙهو.[2]

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسة المدينه بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينه بالغان به آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي تحت ملڪ ۽

---

1 …جامع صغير، صفحه:117، حديث:1897.

2 …نوادر الاصول، فی ان القرآن مثله، جلد:2، صفحه:242.

ٻاهرين مُلْڪ سوين مدارسُ المدينه بالغان لڳن ٿا، جن ۾ وڏي عُمر جي اسلامي ڀائرن کي دُرُست تجويد ۽ مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهايو ويندو آهي ۽ مختلف سنتون ۽ آداب سيکاريا ويندا آهن. اوهان به مدرسة المدينه بالغان ۾ جيڪڏهن پڙهائڻ جي اهليت رکو ٿا ته پڙهائڻ جي، نه ته پڙهڻ جي نيت ڪريو. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## گهر ۾ مدني انقلاب

دنياپور (ضلعو لوڌران، پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان منهنجي عملي حالت انتهائي افسوسناڪ هئي، نماز روزي کان پري، فحاشي ۽ بدنگاهي جو شوقين ۽ ديني معلومات کان بلڪل خالي هئس. اسان جو پورو گهراڻو ئي فلمن، ڊرامن جو بيحد شوقين هو. منهنجي تاريڪ زندگي ۾ نيڪين جو صبح ان وقت اڀريو جو جڏهن اسان خانيوال شهر ۾ رهندا هئاسين ته هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي سان وابسته هڪ اسلامي ڀاء انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدرسةُ المدينه بالغان ۾ تجويد و قرات جي مطابق قرانِ پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، جيڪو جامع مسجد گلزارِ مدينه لوڪوشيڊ ۾ قائم هو. ان جي سمجهائڻ تي مون مدرسةُ المدينه بالغان ۾ داخلو ورتو ۽ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳس. ان جي برڪت سان نماز روزو، وضو ۽ غسل وغيره جا مسئلا سکيا ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان ويجهو ٿيندو ويس، انهيءَ دوران اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا پڙهڻ سان فڪرِ آخرت جو ذهن مليو. جڏهن مان مڪمل طور تي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس ته گهر وارن تي به انفرادي ڪوشش شروع ڪئي. الله پاڪ جي ڪرم ۽ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڏنل گهر ۾ ديني ماحول بنائڻ وارا 15 مدني گلن تي عمل جي برڪت سان ان ۾ به انقلاب برپا ٿي ويو، گهر جا سمورا ڀاتي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويا. اَلْحَمْدُلِلّٰه فلمن ڊرامن جو سلسلو پڻ بند ٿي ويو. سيئي اميرِ

اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیہ جي ذريعي سلسلهء عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي عطاري بڻجي چڪا آهن.

| | |
|---|---|
| عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا | خدایا ذوق دے قرآن پڑھنے کا پڑھانے کا |
| یہی ہے آرزو تعلیمِ قراں عام ہوجائے | ہر اِک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

## جنازي جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

**2 فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **(1):** جنهن کي ڪنهن جنازي جي خبر ملي، اهو ميت جي گهر وارن وٽ وڃي انهن سان تعزيت ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ 1 قيراط ثواب لکندو، پوءِ جيڪڏهن جنازي سان وڃي ته الله پاڪ 2 قيراط اَجر لکندو، پوءِ اُن تي نماز پڙهي ته 3 قيراط، پوءِ دَفن ۾ حاضر ٿئي ته 4 ۽ هر قيراط ڪوهِ اُحد (يعني اُحد جبل) جي برابر آهي.[2] **(2):** جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ حياء ڪندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو ڪڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پنيان هليا ۽ جن ان

---

[1]… مشكوٰة،كتابُ:الْإيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175.

[2]… عمدة القارى،جلد:1،صفحه:400، تحت الحديث:47.

جي جنازي نماز ادا ڪئي.[1]

اي عاشقانِ رسول! حضرتِ سيدُنا مالِڪ بن اَنس رَضِیَ اللہُ عَنْه ڪي وفات بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ فرمايو؟ چيائين: هڪ جملي جي ڪري بخشي ڇڏيو جيڪو حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْه جنازو ڏسي چوندا هئا. (اهو جملو هي آهي:)سُبْحٰنَ الْحَيّ الَّذِيْ لَا يَمُوت لهٰذا مان بہ جنازو ڏسي هي چوندو هئس، هي جملو (چوڻ) سبب الله پاڪ مون کي بَخشي ڇڏيو آهي ۞ جنازي نماز ۾ رضاءِ الٰهي، جنازي جي فرض جي ادائيگي، عبرت حاصل ڪرڻ، ميت ۽ ان جي عزيزن جي دلجوئي وغيره سنين سنين نيتن سان شرڪت ڪرڻ گهرجي ۞ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ثواب جو ڪم آهي نبي رَحمت ، شفيع امت صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ سعد بن معاذ رَضِیَ اللہُ عَنْه جو جنازو کنيو هو ۞ ننڍي ٻار جو جنازو جيڪڏهن هڪ شخص هٿ تي کڻي هلي تہ حرج ناهي ۽ هڪ کان بعد ٻيو شخص هٿن ۾ کڻندو رهي ۞ عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي بہ) جنازي سان گڏ وڃڻ ناجائز ۽ منع آهي۞ مڙس پنهنجي گهرواريءَ جي جنازي کي ڪلهو بہ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ (مثال طور بغير ڪپڙي جي) جي جسم ڇهڻ منع آهي. ۞ جنازي سان گڏ بلند آواز سان ڪلمو شريف يا ڪلمو شهادت يا حمد ۽ نعت وغيره پڙهڻ جائز آهي.[2]

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو! | مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو

---

1 ...مسند فردوس، جلد:1، صفحہ:282، حديث:1108۔

2 ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:80تا83، ملتقطاً۔

دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| دردِ سر ہو اگر، دُکھ رہی ہو کمر | پاؤ گے صِحّتیں قافِلے میں چلو |
| ہے طلب دید کی ، دید کی عید کی | کیا عَجب وہ دِکھیں قافِلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد